# زندگي

جيون ڪلا
خاص پرچو

3/=

نرمل جيوتاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگي !

[ منهنجي نظر ۾ زندگيءَ جي معنيٰ
رڳو "انساني حياتي" نہ آهي؛ پر اها
زندگي - اُها وهڪ ۽ جهڳ، مڳ، جا
موڙڪي جت ڪٿ نظر اچي ٿي ۽ جنهن
جو انساني حياتي پڻ هڪ حصو آهي!]

نرمل جيوتاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جنم تاريخ

٢١ سيپٽمبر ١٩٢٠ع

ديهانت

٢١ جنوري ١٩٤٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگي!

جيون ڪلا خاص پرچو

آرپيم اُنکي
جنھن جي جوت
جوت سان ملي
ھڪ ٿي وئي!

(نرمل)

ايڊيٽر:-
هيرو. ڪي. جڳتياڻي

نرمل جيوتاڻي

ڇهه آنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ١- | لهر | ١ |
| ٢- | قدرت! | ٦ |
| ٣- | نئون نياپو | ١٣ |
| ٤- | ڏکي ڏنيا | ٢٠ |
| ٥- | جيون ساٿ | ٢٧ |
| ٦- | نرمل نيڻهن | ٣٤ |
| ٧- | نرالا آواز | ٤٣ |
| ٨- | آندو جون اُڇلون | ٥٢ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

نرمل جيوتاڻي هڪ بيتاب مڪڙي جا ٽڙڻ ئي ٽڙيل گل جي صورت اختيار ڪرڻ لاءِ، پر قدرت کي اها طرح چاهيو ۽ موت روپي خزان جي بگڙيل هوا کيس بي وقتائتو سڪائي ڇڏيو. نرمل جو سريو غائب ٿيو ليڪن سندس جوت جو جلوو اڃا پرسڻ آهي. نرمل زندگيءَ جو راز پرکي زندگيءَ جو مڌر گيت ڳايو. هن کي ساري جاتي ۾ جوت ڏسڻ ۾ آئي. هن جي نظر ۾ وڻ ٽڻ، پکي پسون، سڀ هڪ جانب جو جهنسار هئا. نرمل جي اندر تڙق هئي برهه هو ۽ هن جي اُن ۾ پريانءَ جي لونس هئي. هن پريم جو پيالو پيتو پر پڇندي به پڇ ڪين ٿيس. هن آئينده جا سپنا ڏٺا پر سندس اوچتي موت سبب اهي اڌورا رهجي ويا. شال سندس سپني جي اڌوري تصوير جا هن پستڪ ۾ چٽيل آهي، سا پيو ڪو لعل جاڳي جو رهيل خال کي پوري تصوير کي مڪمل بنائي! "امر رهي 'نرمل'" اها آهي منهنجي نماڻي پرارٿنا پريوءَ جي چرڻن ۾.

شيوا ۾

لڪارام موهنداس

گرداسمل هندو هاءِ اسڪول

٢٦ جولاءِ ١٩٤٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ديباچو

جڏهن ٻار پيدا ٿو ٿئي تڏهن ڪجهه عرصو هو رڳو ٻوٽو ڇوڏاري نهاري ڪلي ۽ ٽڙي. ڇوڏاري جيڪي ڏسي ٿو تنهن ڏسڻ ۾ ئي هو اهڙو محو آهي جو الهي لي سوچي ئي نٿو ته آهي ڇا؟ رڳو ڏسي هـو راحت وٺي ٿو. جڏهن وڏو ٿئيٿو تڏهن ٻالڪ اوستا ۾ جيڪي ڏٺائين ۽ ٻڌائين تنهن تي ويچار ڪرڻ شروع ڪري ٿو. سرشٽي ۽ قدرت کي ڏسي عجب کائي ٿـو ۽ ڪنهن وقت اهو ضرور ويچار اچيس ٿـو آخر هي سڀ آهي ڇا؟ ان ويچار بعد ان ۾ سمايل ٻيو ويچار اچيس ٿو تـه مان ڪير آهيان، ڪٿان آيس، ڪيئن آيس ۽ ڪيڏاهن ويندس وغيره. مان دنيا ۾ سڀ شيون زنده ڏسان ٿو، ته زندگي آهي ڇا؟ زندگي کي سمجهڻ جو مسئلو اڄ ڪلهه جو ڪونهي پر آد جڳاد جو. ستول، جڙ ۽ چيتن وستن جي زندگي نرالي آهي. انسان، جو جيو، پراڻ ۽ آڪاس جو جڙيل آهي، سو ڪهڙي مقصد سان هتي آيو آهي ۽ انهي مقصد تي پهچي سگهي ٿو يا نه ؟ اهي سياويڪ سوال اٿن ٿا. قبول ٿو ڪجي تـه انهنجا پورا جواب ملڻ جي مشڪل نه آهن ته انهن جوابن کي سمجهڻ گهڻو مشڪل آهي. زندگي سڄ پڇ، جيئن نرمل لکيو آهي، رڳو انساني خيالي ناهي. پرڪرتيءَ ۾ عام هرڪا وستو زنده آهي. هر هڪ وستوءَ کي پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي حياتيءَ ۾ گهڻيئي لاهيون چاڙهيون اچن
ٿيون. نرمل سيکاري ٿو ته انهن ڪري مڙس ٿي منهن
ڏيون ڇاڪاڻ ته حياتي ڪشمڪش آهي. هو دنيا کي
هڪ عجب جنگ جو ميدان سمجهي. چوي ٿو:
”اٿمي لاهه چاڙهيون الاهي هتي-
پتڻ ڪين آئين تون ساهي هتي
جڳائي تو ٻڌڻ سپاهي هتي-
اگر نا لڙين آ لماهي هتي.“
هو دنيا کي رڳو هڪ خواب ڪونه ٿو سمجهي.
”امرتا اندر پٽي ٻکي سڀ دنيا-
۾ ڇو تون ته آهي دنيا هيءَ فنا.“
جڏهن انسان ڪڏهن سوچي ٿو ته دنيا ليڪ فنا ٿيندي
تڏهن اهو مخصوص لڙو ڪري ته زندگيءَ جي
ڪشمڪش ۽ حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ تفاوت آهي.
هو موت ڏسي ۽ ٻڌي دهلجي ٿو ۽ جڏهن خيال ٿو
ڪري ته ليڪ موت مونوت ٻ ايندو. تڏهن نراس
ٿئيٿو ۽ نراسائيءَ ۾ پنهنجي فرض ادائي ڀلجي وڃيٿو.
نرمل انسان کي قدرت کي پيار ڪرڻ سيکاريئو.
نرمل ڏيکاري ٿو ته آخر انسان جو مقصد ڪهڙو
آهي ۽ ان تي ڪيئن پهچ رسي سگهي ٿو. ڪامل انسان
جهڙو نئون نياپو دنيا کي ڏئي ٿو سو هندوائڻ يوگيه
آهي. پڙهڻ سان پتو ٿو پوي ته پريم ڪيڏو آهي،
غريبي ڇا آهي، ٻاٽيم وشواس رکي شير ٿي ڪيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعر جو قدر هونءَ ۽ گهٽ آهي ۽ سنڌي ساهتيه ۾ ٿورائين وڌيڪ، ڇو ته ڇوله هن جهڙا پستڪ جلد ڇپايا وڃن. اڳي پڻ جي لڳيءَ ۽ ان جي ڇپائڻ ۾ ڍنڍش سبب ڪتاب نيوز پرنٽ پيپر تي ڇپايو ويو ۽ جنهن ڪري سستو به ٿيو ۽ گهڻا پڙهن. ارمل جي شعر جو قدر اڃا پورو نٿو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته ان کي پوريءَ طرح سمجهيو نٿو وڃي. پڙهندڙ هن پستڪ مان سنڌس شعر جو اڀياس ڪري سگهن ٿا. جي سنڌس شعر لاءِ اُتساهه ڏنو ويو ته جلدي ٻاقي ۽ سنڌس شعر ڇپايا ويندا.

ڇپائيءَ ۾ مان ڀاءُ نندارام جو شڪرگذار آهيان جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏئي مهاڳ لکيو آهي ۽ جيون ڪلا رسالو ڪيلڊڙن جو، جن هي ڪتاب سوسائٽيءَ ٻاران پنهنجو خاص پرچو ڪڍي پڌرو ڪيو آهي.

سيڪريٽري
نرمل پبليڪيشن سوسائٽي

شيوا ۾
نند ڪدواڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لهر

## الاهي آمرُ لهر آ زندگي!

[ ۲ ]

گلن ۾ بہ اُن لهر جو آب آ
ڏني ۾ بہ اُن کان رهيو تاب آ
مٽي گل پنهنجي خوشبوءِ ڇڏي
ذري سوز جي ڏيو دنيا سان گڏي!

[ ۳ ]

الاهي سندرتا دنيا ۾ بکي
مٿو نور آغوش ۾ لنهن لکي
مگر کوج وارو مٿي سو چکي!
سدا وهڪ جاري اچي ٿي نظر
مٿي موج ساري اچي ٿي نظر
اُنڪا ڪا اندازي اچي ٿي نظر!
مگر غافلن کي نہ ڪل ٿي رهي
اُنڪا اندر واري اُچل ٿي رهي
سندر راهہ لن جي مڇهل ٿي رهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ۴ ]

دنيا هڪ عجيب آهه ميدان جنگ
جتي دل ڪرڻ تو جڳائي مَ تنگ
رکي هوش محبت سان ميدان رنگ
گهڻو ڏي ڀڄن کي ڪٺو تون مَ مدنگ!
اُتي لاهه چاڙهيون الاهي هتي
ڀَڄڻ کين آئين تون ساهي هتي
جڳائي تو ٻڌڻ سپاهي هتي!
اگر نا لڙين - آ لڀاهي هتي!
دنيا ڪيئن هوندي رکو خواب ڪو؟
ٻکي جنت الاهي پيو ناب ٿو
سُتل جنهن رهي نت ڪاڻ هاب ٿو
عمل ٻن نه پورهيو ڀوي ساب ٿو!
امرتا آندر پئي ٻکي سي دنيا
مَ چئو تون نه آهي دنيا هيءَ فنا
جتي ساڪن جي ڪمي نا اچا
اُلي تون ڪمر ڪچ ڇڏي واسدا!

[ ۵ ]

هئي زندگي هيءَ اصل ماڻئي
لکي ٻيا يلي الد هئي ڳاڻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺي موج دنيا اندر آڻڻي
ملي مرڪ سان ڪا پلڪ گهارڻي
پورڻ پار ٿيندي هئي نارڻي!
اٿل طاقتن هو اُڇاريو جيئن
دنيا چڪر غيبي هلايو تيئن
ٿيو پار پيدا اِجهو پوءِ اِئين!

مڪانين سندس نعمتون پٽ ڪئين
ڪئين دوس پاڻر ۽ ساٿي سڄڻ!
اٿارن جڏهن پاڻ مظاهر ڪيو
دنيا ان جو آدر نه ناهر ڪيو
ڪڏهين پرورش لاءِ ماهر ڪيو
سندس لاءِ موجود آهر ڪيو
سندس راز نانڪو نا ڪاڻر ڪيو!
ڪڏهي سڏ هئي ٿيو گلستان مان
ڪڏهي قهر واري نه طوفان مان
ڪڏهي محل سندر جي دالان مان
وري ڪن منن کي ٿيو شمسان مان!
صفا پيد هو سفر سامان ڪان!
جڏهن ٿو ٿئي پار پيدا هتي
سيان سندس اُپجي ٿو شيدا هتي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڃي ڪيئي ماڻي تو عهدا هِتي؛
اڄي تو ڪيل پاڙي واعدا هتي
رکي اوچ پنهنجا عقيدا هتي!

[ ٦ ]

پيو ٻار هاڻي ڦَلي ۽ ڦُلي
سندس راڳ غنچي ٻَلي آ ٻَلي!
صفا نور مستڪ تي جنهن جي جهلي
مٿي مرڪ ٿي اُس لَبن تي ٽلي
اها مرڪ پوڙر سدا شل هجي
نه مُڪڙي ڪڏهن سا جدا شل هجي!
اٿل طاقتن کي آ ان جو فڪر
نڪا لات تن ٻي ڪو ٻيو ذڪر
متاثر سدن ڪر سندس ٻڌ اثر
ڪري موج سان زندگي جئن بسر
ٻَڌِين ۽ گهٽن ۾ لڙائي مچي
فتح پاڻ ڪان پوءِ جنهن کي اچي!
اجهو ٻار ٻولي ٿو ٻوليون مٺيون
سٺي گود ۾ تو لٽ لوليون مٺيون
مٺاڻي ڪيئين مرڪي هوليون مٺيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر مان اُٺاري تو چولمون منيون!
سندس صاف مکڙو اچي ڪو ڏسي
ٻکي نور هڪڙو اچي ڪو ٻسي!

سندس آ ٻهاريءَ سندو هي سمو
نہ پرواه ڪائي ـ سدا ٻي غمو
نڪا وسوسائي ـ انڪو ڪو لمو
نڪا تات ڪنهنجي اگر ٿي ڪمو
پياري سندو مک سندس ٿي ڏهو
انهيءَ کان سدا آه سو ٻي پڻو!

وٺي ڇيڇ کان ماءُ تنهن کي هلي
ڪٿين راز ٿي غم ٺي ٺهڪي سلي
ٽڪڻ کان اڳي گود ۾ تنهن جهلي
چمي چاه سان ٿي لڳائي گلي!
سندس ٻاڪر ۾ جو هٿو سو جگر
نہ ٺهڪي اُپائي رهي ٿي فڪر!

ھماڻي مثل هڪ عجب باغ آ
جتي ٻهريون بلبل جو هي راڳ آ؛
ٻمي بشر ڪنهن کي نہ جنت ماڳ آ
اُٺي موج ماڻڻ سندس ٻاڳ آ
اهو شل سمو ٿئي نہ ڪنهن کان جدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پيو موج ماڻي اصل سو سدا!

[ ٧ ]

پنهنجن ۾ جڏهن هاڻ آ پيرُ پيو
پڇي سوال ڪيئي ”ڪڏهن؟“ ”ڪير؟“ پيو
گلن ۽ ڦلن سان اتس ويرُ پيو؛
ڪٽي چال ۾ ڪي قدر قيرُ پيو
مگر خوشدليءَ ۾ فرق خير پيو؛
دنيا ڪيس پاسي ليارِي پئي
وندرواه ڪا وَهڪ واري پئي!

مٺي چوڪرا کي خوشيءَ ۾ ڪڏن
مڙن بار ڪيئي پيا تہ بہ نڙن
هميشه پيا هيج سان راند ڪن
رونن نا وڏائي - نہ ڪنهن کان ڏڪن
ملهائن مٺا ڏِڻ نِپن ۽ کڏن
وڻن کو اڱباڙيءَ سندو نا فڪر
اٿکو ۾ سندوئي گهڻو ڪو ذڪر!

ڏهن جي اندر ڪابہ عادت سکي
سکي ڪوڙ يا ڪا صداقت سکي
فضيلت ادب ۽ عبادت سکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي موم دل يا شهادت سگهي
خيانت ڪفايت حفاظت سگهي
سندس لوڙ ٿي سڀ اشارا بڪن
عمل صاف ايندڙ ٻه سارا لَکن!
جهالت جڏهن هاڻ باقي رهي
سندس خواب ۾ راز سالي رهي
خياليءَ سندو غور جهاتي رهي
سِڏي ٻوڪ ذاتي صفاتي رهي
سدا دل امنگن ۾ قائي رهي!
وٺي راه جا سونهن واري ٻکي
سندس زندگي هاڻ نياري بڪي!

سندس ٻوٽان هاڻ ٻروار آ
ڪيڏي نام دنيا ۾ نروار آ
ڪٿي آه ٿانگهو ڪٿي تار آ
ڪڏهن آه پيدوُ يا سردار آ
سکن ۾ دکن جو سدا وار آ
مٿس هن خياليءَ سندو بار ٿئي
نه مکڙي اٽي گل ٿي بڪار ٿئي!

جڏهن نفس جو روح بالدي ٿئي
وٺي موج دل هاڻ ماندي ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جي اندر صاف آنڌي ٿئي
ڏکي ٻاھ ڏک جي ٿي ٺانڍي ٿئي
ڪري لڏھن ھيٺاھ ڀانڊي لٿي!
سچن جي وٽي راھ سالڪ ڏٺي
الاھي خزانن جو مالڪ لٿي!

گھٽو وقت گھارڻ اي جاني ھتي؟
عجب ٻڌ ٻڌو زندگاني ھتي
اگر نا چڏي ڪا نشاني ھتي
عمل سوز سڪ تنھن نہ فاني ھتي
وٽي راھ ھرھڪ رباني ھتي
جنھين سمنڊ مان لھر جاڳي اٿي
سمائي تنھين ۾ سدا ٿي سگھي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قدرت!

( ۱ )

## بهار آيو

بهاري سمو ڏس اچي آ ويو
سين ۾ لڱون روح آهي پيو.
پکي شاد پنهنجن لهجا باغ ۾
ڳيو واڳ جاري آسمان ۾!
اچن ۽ وڃن پيا ڪڏن نينگ ڏين
مٺي هيٺ هر هر پيا سپ اچن!
ٻرن ۾ پري آب پينا ڏين
اڻل راز جو پيا ڳا اظهار ڪن!

( ۲ )

## قدر جا ساز!

منو ساز قدرت لبن اي ڏري
مڌر راڳ ڳائي پئي لي ڦري!
ڪلي پوش مکڙين جا ان ڪان پيا
گلن سُر بدڪ لي مٺي لطف ڪيا!
وڻن مان ڏکي اور باهر ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀني ٻاغ کي سبز ظاهر ڪيو
سڪل ٻن ڇٽي ٻڻ اچي پَتِ پيا
نوان ٻوز لڏهن دم تي ٻرڪهت ٿيا!

( ٣ )

## پوڙهيا ساب ٿيا!

ڪڏهين هئر هت پيئي هوريان لڳي
ڪڏهن لهر ۾ ٻوڙ ٻوڙان لڳي!
مٿان جام ٻارش پئي ٻاڻ نمي
سمدر سبز ساوڪ ٿي جت ڪٿ جمي
مٿان ميگهه مان سج تو پاڻي لٿا
ٻِرن مان ڦٽي جيت نروار ٿيا
هتي هيت ساوڪ مٿي آب آ
سين جو پيو پوڙهيو اج ساب آ!

( ٤ )

## گلن جي اُتل!

گلن ۾ اچي ٻوڙ ٻوڙان هٿي
نکا دم ٻٽڻ جي ٿي ساعت رهي!
سڄي رات لهرن ۾ لڙهندو رهيس
پٺي ڪل نه تي ڪا نه ڪٿڙي سيس!
صبح جو اچي سَر ۾ جو اک پٽيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِتي هُت رهيل ڪي پيو گل ٻسان
وڻن، ماڙين ۾ ڪي اڱڪي ٻيا
ڪي ڪن جي گلي سيڏڻ ۾ پَٽ هئا!

[ ۵ ]

## وري اچن!

اچن ڪوه لئي تيون ڪٺي سب دلا
ملي سڪ مدجهان گيت ڳائن پيلا!
دلو هڪ وچائي ٻه ٻهريان ڳائن
سهڻي ٻوه گڏ جي سدڻ سر ونائن!
مدجهائن رسيء سان ڪا پاڻي چڪي
وري هڪ وڻي سو گهڙن ۾ وجهي
جڏهن سب گهڙا ائين ڀري تيون چڪن
چڏي پُور سي شل وڌي "ور" اچن!

[ ٦ ]

## حق ڪي رسن!

پَنديون اچي هت تيون ٻملاپ ڪن
متو سوز سڪ جو تيون آلاپ ڪن!
وچڙي ڪڏهن ڪان ڦڙا جي ويا
وڻي گود ۾ هڪ ٻئي خوش ٿيا.
اجلتا جون آسون اچي هت مليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدوانو وڃي راهه ڀرَ ڏي هلندون
اڄهو شل وڃي پنهنجي حق کي رسڻ
حياتيءَ ڪشمڪش جي راحت پسڻ!

(۷)

## گل ۽ ڪنڊا.

جهنگل ۾ ٿيو راس هو غلغلو
سڀني راس هڪ هنڌ جو هو حوصلو
آسر جو وٺي راهه راهي ٿيس
جهنگل جو ڏسي حال ڪِل ۾ پيس
هئي جنگ گلن ۽ ڪنڊن جي جڳي
گلن کي هئي دشمن ڏڙط جي لڳي!
چيم "يار ڇو پيا اجايو ڦٽو
سڪن ۽ دکن جو دنيا ڇهڙٽو!"

(۸)

## پهاڙن مٿي!

پهاڙن مٿي سانت ساري هئي
ڪشش روح لئي ڀت پياري هئي
لطف پئي لنيم آبشارن مڃهان
هئو سڀ ٻه نزديڪ منهنجي مٿان!
پلڪ ۾ ٿي گذريا ورهيه موج ۾
مگر دور لوڪ ڏنم روج ۾
سندو سور پڻ آءٌ سگهيس نا سهي
سڏڻ لاءِ لو وت پوه آيس لهي!

# نئون نباپو!

ڪري سڀ رهيو هاڻ هو الوداع
لڙالو هئو بادلن جو لقاءُ
هئي آسمان ۾ جهرمر عجيب
پکين ۾ پنهنجن ۾ به ڦرڦر عجيب
ڪري هو رهيو راڄ چوڌر امن
رهائين سان بعضي ٿي گونجيو چمن!
چمن ۾ ڏٺو ڪن اڇي پاپوه سان
لهي هو رهيو ڪو جبل کان مکان؛
جڏهن سو اچي پهتو ان جي قريب
ڏٺائون اهو مرد ڪامل عجيب!
ادب سان اُٿي سر جهڪايو سڀن
رهيو مرد ليڪي ڏسي دل سندن
چيائين ڪٽي لنڊ پوه مرڪ مان
”اوهان لئه ڪري هاڻ ڇا تو سگهان؟“

## پوتر ڪير؟

لڏهين سر نوائي ڪڏهن سادوءَ پڇيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٿيون ڪيئن پوتر اسان کي ڏسيو؟“
گهڙيءَ لاءِ ڪٽي نيڻ تنهن بند ڪيا
ٻڌي غور سان لفظ پوءِ هي چيا:-
نه پوتر اهو آ، جو سڀ کان نهي
وڃي ڪنڌ سدا غار ۾ جو وهي
سچائي نه ڏيکاءَ جي بات آ
مگر اڄ حقيقت جو ٿيو گهات آ
اگر تون برو ڪنهن سندو نا ڪرين
نڪا پاونا بد تو ڪنهن لاءِ ڌرين
ڪري خوش ٻين کي ۽ تون پڻ ٺرين؛
نه تو کان مٿي صاف نا ڪو ٻيو
سوين ڏيکه پل کو ڪري نت پيو!

## غريبي

چيو ڪنهن غريبيءَ لاءِ پڻ ڪجھ ڇٺو“
انهيءَ تي پوءِ ڪامل شروع هيئن ڪيو:-
غريبي اگر جي نه ٿيو ڏوه آ
نه ڪنهن کي وري تنهن سندو موه آ
وڏو ڪنهن سان قدرت ڪيو دوه آ
قٽيل نه ته ملامت کان آجو نه چاڙ
ڦٽيو پل هجي پوءِ تازو نه پاڙ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريبيءَ ۽ گهر جي قدامت هجي
صداقت هجي ۽ ڪفايت هجي
اها خود بس خود آهه زندگي سڪي
اگر تي ماڻي روز روئي رُڪي!

## ڏن ۽ آگ.

چيو ڪنهن ڏنيءَ "هاڻ ڏن لءِ ٻڌاءِ"
لڌهن مرد هيئن چيو بدا ڪنهن سڻاءِ
اگر ڏن سدا ٻيڙ ڪئا ڪنهن ڪيا
سوين پيڙ جي هٿ اندر جنهن رهيا
غريبن لئي ٻڻ دل رهي نا پئي
اهو ڪئين چئبو انسان آدمي؟
سعدس ڏن مثل تيو انهيءَ باغ آ
ڏکي جنهن جي چوڌر اچي آگ آ
بکايل مسافر جي اينڊو نه ڪم
ڏسي چرڪندو باه سان بي رحم
پئي ٻاڻ جلندي ٻين کي به جم!

## وشواس رکُ!

"وهي ڪيئن ماڻيان؟" چيو هڪ جوان
شروع تنهن لئي ڪامل ڪيو هي بيان:-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏائي نہ کنهنجو تي ورلو رهي
تنو اسان جوانيءَ جو عرصو رهي؛
اگر عرش لي ڪنهن جي ڪوشش رهي
صبر هوش سان سڀ سکهي تو لهي؛
مگر ياد جنهڪي سدا سيج آ
نہ لنهنجي حوالي ڪڏهن هيج آ!
سدا پاڻ پر شهر! وشواس رک
وڏي ڪم ڪرڻ جي لئين آس رک
رهج هيٺ - مقصد لون آڪاس رک!

## ماڻهپو

ادب لاءِ اسعاد هڪڙي پڇيو
انهيءَ لي لمي هيٺن ڪامل ڏسيو:-
ادب هر بشر جي لي سينگار آ
ادب هڪ قسم جو سچو پيار آ
ادب گل حياتيءَ جي هبڪار آ
نہ جنهن کي رهيو ماڻهپي جو قدر
فضيلت نہ جنهن پر نہ آهي. صبر
اهو گر علم ۾ اڪابر بڻي
نڏهن پڻ ڪڏهن ڪين ڪنهنکي وڻي
ادب آهہ انسان جو اوچ چمت
انهي بن مِرن ڪان بہ آهي سو گهٽ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## همدردي!

وري حال اورڻ لئي مائيءَ ڀڇيو
ڀيڙي چاهه سان هيئن تنهن کي ڏسيو:-
ڪٿي درد اڪثر ٿو خيالي رهي
نه ته به دل وهم کان ٿي خالي رهي
ڪڏهن محل ۾ ڪڏهن سوالي رهي!
جڏهن ڪنهن پوي بار گردن مٿان
اميدون ٿين ناس غفلت وچان
تڏهن لوڪ واجب نه تنهن وٽ وڃين
سندس دل سندو حال سارو سڻين؛
اجهائي جڏهن پاڻ تنهن دل منجهان
مدد هٿ ڏيڻ يا مٺي ٻول سان!

## سوڀان!

وري جلد سوڀان لئي ڪنهن ڀڇيو
بلند آهي تنهن هيئن ڪامل ڏسيو:-
اگر ڪنهن کي سوڀان جو نه آ قدر
انس پنهنجي اصليت تي نا ڪو فخر
اهو ڇا دنيا ۾ ڪري ٿو سگهي؟
سندس آرزو اوچ ڪيئن هست اگهي!
شمع تنهنجي روشن جهلي ٿي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا موسم سان سا ملي ٿـــي رهي!
نمرتا رکي پـــڻ نـرن سومان سگهه،
رکي هوش سالم قدم اڳتي وڌ،
جيئڻ لڳ دنيا جو وڇي لڳي نه بڪ!

## حياتي ـ ڏکهي مشڪ!

”ڪالهه لي......“ چڻي ٻارڙي ڪيو حجاب
ڪٺي گو وچ لڌهن ڏنو هي جواب:-
اگـر شوخ مهن ڪونـي ٽـوڪـي ملي
نه سمجهج نه هو من سکهيو نا پلي
دک جان جنهن ۾ سـدا ٿـي جلي!
ڪالهه ۽ ڪڏهن جو نه جنهن ڪي قدر
ڪري لڌهن سدو سدگ، نه ٿيو ڪو صبر.
حياتي ڏکـهـي مشڪ آهـي پـٽـي
نه ڪوهي اهـا ٻـوء هٿڙا هٽين!
اگر جي نه پاڻي سدء 'ور' رهي،
ڪلي ٿهڪ سان چڙ سين ڪي ٻڏي!

## مقصد!

پڇيو ليت ڪنهن ”ڪٿين آيا هتي؟
وکيو کهڙو مقصد وچـو ٿا ڪٿي؟“
گلي • رد هٿن پـوا مدگ. مان چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽي جنھن کي ھر ھڪ پو راھي ليو:
ڏکي راھ منھنجي نظر تي رھي
سندم صاف نمدا سفر تي رھي!
ھجي خشڪ ڪانڊن لئي مانيءَ ٽُڪر
ملي جل چڪو مان سدا ھي فڪر!
مصيبت پئي مون تي غالب پوي
نه له به دل سفر جي مخالف رھي.
لياريءَ سندس جوڙ کي مان ڏسان
سدا جوش مالڪ جي نھن ۾ پسان
انھن تي وڃي پنھنجي حق کي رسان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دکي دنيا!

اٿي ڏينھن طوفان جڏھن لڳو
سڄو ڏينھن غضب سان پئي ٿي وڳو
نٽي پيا ھا گلشن ۾ درخت گھڻا
ھزارين پکي پڻ ھئا بي گھر بڻيا!
انڌاريءَ جا قاصد جڏھن پئي ڦرڻا
پکي ٿڪڙي ٻڙ تي اچي ھا مڙيا؛
مصيبت ۾ وسري وئي ھئڻ لاٿ
رھائين ۾ گھارڻ گھريائون ٿي رات؛
سندن ڏيان طوطي ڏي لڏھين چڪو
عمر ۾ جو سڀ کان ٿي ڪھنو پڪيو
ڪيو جنھن دنيا جو چڱو ھو اڀياس
دنيا ٻيءَ ۾ خيالي ڪيائين ٿي واس!
سندس نور پڻ ٺنگ ٿي ڪنھن کي ڪيو
اٿيءَ سوڙ مان ٻوءِ شروع ھيئن ڪيو:-

غلام ڏيھ

"اوھان پيا سمجھو دنيا آسڪي
مڪر سچ پڇو آ دنيا ھيءَ دکي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ لي نه جيڪي نه وشواس ڪن
اهي غور سان ويهي مونکي ٻڌن:
مثل سرڳ ڪو ديس سائو هجي
دنيا جو اصل ڀيل پائو هجي،
جبل جهنگ جت جام اوچا هجن
ڀڪي ڪن لدوارون ۽ ساڪ لڳن
جتي جام لهرن ۾ پاڻي اڇي
هوا ٿڌي جتي هير هوام اچي
هزارين هجن نعمتون نت مدام
مگر سو اڄاڳو هجي جي غلام
الي ڪنهن نه دل ۾ ڇا هوندو صبر،
الي ڪين ڪيئن ليڪ هوندا ڪڪرا

## منجهيل مسافر

جهنگل هڪ ڀيانڪ وچان راه آ
مرن جو نه مٽ ۾ جتي ساه آ!
الي هڪ ڀهرس مسافر هجي
جنهين راه پوري ڀنا ٿي سجهي؛
ڏکڻ کان اچي لت مرن ٿا ڪکر
مٿي ۾ اچي لهن ٻون ٿا چڪر؛
ٻلڪ ۾ شروع زور سان مينهن ٿئي
وري سامهون لت اچي شينهن ٿئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ڪيس ٻو ٻاسندي ڇـا سڪي؟
ڇتيهندو ۽ چولـدو دنيـا آ دکي!

## دکي پيغام!

عجب بيت آ ۽ منجهس هڪ مدار
جتي قيد ۾ ٻـنـد ڪيل آھ نـار
ٻـري گــر پرينءَ لــي آهي فــدا
اٿل پنهنجي سـمـ لـي سا آهي سدا.
اميدن کي ساندي سـدا پٽي جٽي؛
الي ڪونج لنهن کي هي پيغام ڏئي:
نہ ”ور آھ لنهنجو ڪري ويو گـذر
مرڻ ويل جنهن کي هو لنهنجو فڪر!“
لڏهن ڪيٽن سگهندي رهي سا اٿل
سندس دکہ وندينندو نـہ پيو ٻرا جل!

## سڪايل!

ٻڍو هڪ ڏني هـمـ ڪري پيو گذر
سندس مال ملڪيت جو ڪولهي ذڪر؛
سوين امـ سلاميءَ لي جنهن جي اچن
اکين جيو جنهن جي تا تاريءَ تـڪن!
اٿس سـب مـگـر ڪهن اولاد تس
سدا لنهن لي لڙقي نہ تس ڪوبہ وس!
سندر نيت لنهن کي ملي هڪ جگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورن لک واڌايون - مڃن سڀ شڪر!
مگر اوچتو ڏانڪ جي تنهن ڪکي
آلي ڪيئن خوش هيءَ دنيا ٻکي؟

## اياڻو نينگر!

سندر ٻار هڪ آهه پيدا ٿيو
اڱارن ۾ ساڻس اهو ڪو مٽ پيو!
مٺي ماءُ تنهن جي ڪري ٿي گذر
مٿانئس ڏکن جو وجهي ٿو ڇپر؛
پين جي هٿن ۾ سو پلجي سدا
رهي ٿو چڪر ۾ وطن کان جدا،
دنيا جي ڏکن ۾ اچي ٿو اڙي
جگر ۽ جسم جنهن جو سارو سڙي.
ڪري ياد ماتا ڪندو ڇا نه دانهن:
"ڪري اڄ پيدا وئينءَ تون ڪڏانهن؟"

## بند ۾ شير!

اچي رڻ اندر شير سوگهو ٿئي
سندس دشمن ڪم اڄوڳو ٿئي
نه تنهن سان لڙن سي نه سڙهڪي ڇڏن
سندس ڏک مٿان ڏک پيا ٿا اڏن
سندس ساڻ گهر ٻار پڻ ٿو رلي
نه ماني ملي لڻ نه پاڻي ملي!

جڏهن بار ننڍڙي لئي پاڻي مڱي
هٽي لهر لڳهن کي ڇڏن ٿا رڳي!
انهن لئي وڃي ناس جي خاندان
نه پيو ٿيري ڇٽيو ٻڌايو جهان؟

## بي روزگار

رهي روز ڦرندو ٿو بي روزگار
نه ٿس حال پاڻي - نه ڪو مددگار
نه ڪو سو لياقت ۾ آهي ڪو ڪم
الٽس اجلتا پڻ صداقت ڦهم.
صبح جو وڃي ويهي چوسول ۾
ڏسي شام جو ڪين ڪچ جهول ۾!
سدا پڪ اندر سو پيو پاه ٿئي
سندس ناس سڀ ڪچ فخر جاه ٿئي!
اگر جي نه هوندو سو صابر اهار
نه ڇا خود ڪشي لئه نه ٿيندو تيار؟

## شرابي ور

سندر وڏ گهراڻي ڪا نيڪو هجي
مثل جنهن جي پوئر نه بي ڪا سجهي
وڏي ٿي وڃي گهورت جي گهر رهي
جتي پڻ سندس نيڪنامي ٿئي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهنگ ۾ سنڌس ور شرابي ٻٽي
انڌو تي اچي سڀ لسان آهو ڪٽي!
لٿو سو فقط گهر لهي نه سنڀار
ڪڏي ٻر ڇڏي ٿو گهران زال ٻار؛
تڏهن موهٽي دل اُن جا ٿڪندي؟
اچڻ کان ڪڏهن ڪٿين سا هٻڪندي؟

## گلا!

صفا صاف ساڻو ٿو گهاري هتي
ڪٿي نيڻ شل پيو نهاري هتي!
سنڌس خواب ۾ گل لا ڳاڙها ٿين
سنڌس سر سنڌي ساڪ سهڻي ڏين!
ونس نا وڏائي نه آهي غرور
نه ڪنهن کي ستائڻ جو تس کو ضرور؛
مگر ڪن تڏهن پڻ سنڌس کي گلا
پيا هڪ نه ٻي ڪا ٻچن جي بلا
تڏهن ڇا دنيا کي هو تصور ڪندو
دنيا ڪيئن مڪمل تڏهن سمجهندو؟

## بدنصيب هاري!

هتي هاڻ پر ۾ ٿو هاري رهي
سچو ڏينهن ڪم ۾ پيو ٿو ڳهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انس هڪ ٻڍي ۽ منجهس جهوپڙي
ڪٽنب پڻ وڏو نه ٻه رهن ٿا ٽڙي.
ڪڏهن تنهن ستارو به روشن هيو
مگر هاڻ قسمت ۾ تس ڦير پيو
جڏهن پوڪ ان جي اچي ڦوهه ۾
اچي ٿا ٻون مڪڙ تنهن روح ۾
اگر ٻوڏ يا سوڪ سانده ٿين
ٻڌايو اهي ڪيئن نه ماندا رهن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون سان!

## نرمل لات!

نديءَ جي ڪناري هر رات پئي
مٿان چنڊ جي واهه چمڪات هئي!
صفا رات تارن سان پرنور هئي
سدا صاف لهرن جي ٿي دؤر پئي؛
چندرما لئي مشتاق هو ٿيو چڪور
سندس لات ۾ سوز هو صاف زور؛
نڪا اڪ پچاڙي ڪا تنهن کي هئي
گهٽوٽي ٻدم دل نه ٻاڙي پئي!
جڏهن هاڻ آڪاس ۾ چنڊ ڏسان
چڪور؟ ڪنارو پيو آءٌ پسان
پڙاڏو نرمل لات جو پيو ٻڌان!

## ڪوئل!

رهي ساز ڪوئل جو وڄندو سدا
ڪڏهن هت ڪڏهن هت سو ومندو سدا!
اچي هن طرف سڀ نظر هاڻ ڪيو
ته ڪيئن آ نه آڪاس گونجي اٿيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هاڻ سيارو رهيو آ پسار
اڃهو جلدئي پاڻ ايندو بهار،
گلن کي اچي لي ٿي سڏڙا ڪري
ڏسو ڪيئن نه ٿي ناز منڙا ڪري!
مٿس ڪين پرواه جو بار آ
سندس ماڳ سارو هي سنسار آ
انل صاف قدرت سان پڻ پيار آ!

## وفادار ڪير؟

پڌائيم دل آ وفادار ڪير؟
سڀن ساه وارن جو سردار ڪير؟
جڏهن لوڪ ٻيوس ڪري لو ڪمار
تڏهن ڪير تو لي رهي ٿو هوشيار؟
دنيا گرچ لوڪي ڇڏي جي بہ ڏئي
تڏهن پڻ سنده ڪير ساٿي ٿئي؟
ڪتي ڪي رهي ياد هردم ڏٺي
غليظن بہ ته بہ پيو انهيءَ کي ڳڻيئن!
جڏهن تنهنجو هت ڪو رهي نا نشان
رهي لو منن وٽ نہ تنهنجو بيان
تڏهن روز ايندو هي تنهنجي مساڻ!

## گل ۽ پوئنٽر

گلن جي مٿان پوئنٽر پيرو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو ڏيهن خوشيءَ ۾ پيو تو ٺوي.
سندس واٽ ۾ هڪ مٺي لاٽ آ
رهي لنهجي دل ۾ نہ ڪا لاٽ آ.
جڏهن گل مٺان سو پلارو وهي
تڏهن ڪيئن نہ تو خوش نظارو لڳي!
گلن جي مٺاڻ نت رهي تو فدا
اٿو سرڳ ۾ ڇا رهي سو سدا؟
اگر وسوسا لنهجي نابود ٿئي
هتي سرڳ لو لي لئي موجود ٿئي
پري پو اڏامڻ تو اي سود ٿئي!

## گلن کي!

ملي گل وري هاڻ سڀ لهار ٿيو
ڪڙي خوشدليءَ جو ڪو اظهار ڪيو
اچڻ جي آ بلبل سندي مهل ٿي،
اوهان ۾ رهي ڇو نہ ڪا ڪهل ٿي؟
اتين ڪين ٿئي - هوءَ اوهانکي ڏسي
وڃي هون آسن ۾ ساري پسي!
وندرگاه هي جيئن نہ ٿئي پو لباه
پوي پڻ سنوارڻ ڪلڻ جي بچاء.
اجهو هاڻ بلبل اچي آ رهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿان ڪان نہ آئي هئي آ ڪهي؟
وري ماڳ تي شال سالم سهي!

## ڪڙڪٻيٿو

جڏهن سڄ دنيا ٻيءَ ڏي راهي ٿئي
هئي روشنيءَ جي ٽباهي ٽٽي،
تڏهن ڪڙڪيتو ڪري ماڻ ظاهر
ڪٺي سو گهٽي ٿو ڪڪري ڪين واهر
مگر جو اتس سو اسان کي ڏئي
انهيءَ ئي خوشيءَ ۾ سدا پيو جٽي!
جهنگل ۾ وڃي ڏينهن جو ٿو لڪي
نماڻو لٽو ڪا وڏائي رکي.
نماڻا ڪڏهن ٿون بہ ويندين لڏي
مٿان دور دل تنهنجي ڇو ٿي پڏي
ڏئل مان بين کي بہ لون ڪڇہ نہ ڏي!

## عجيب راند!

هئي باغ ڏس آ وڻن جي مٿان
رهيو جهرڪ منجهي چمن جي هٿان؛
وري آه هيڏانهن وينو جهرڪ
چڳي جيت ڪيئي ڪري پيو غرق!
اها ڪهڙي قدرت رچي راند آ
هِتي آ جو آزاد هت باند آ!

ڪٿان هي دنيا کي مليو آ سراپ؟
ڪڏهن تو دنيا ۾ اچي انقلاب؟
مگر اُنهن سمي لاءِ شهباز
نه اُن ڪانئرن جو ڪيو سرتاج
انهي اوچ گردش سندو راز!

## ٻئي سمر!

جڏهن ڪڪڙ تو ڏئي صبوح ويل بانگ
تڏهن دل خوشيءَ ۾ ٿي ماري ڇلانگ
اگر سو ڪٽي آهه ننڍڙو پکي
تڏهن پڻ اٿس دل ٻريءَ ۾ رکي!
وري شام جو ڏس ته ميدان ۾
لڙي ڪيئن نه ٿو مٽس ٿي دام ۾!
اٿس ڪو مرڻ جو نه ڪوئي فڪر
جهانن ٻنهي جو وٽس آ سمر!
اها زندگي آهه بهتر بڻي
رهي ٿي اگر جا دنيا ۾ ڪٽي
تڏهن ٻڻ رکي ٻار هردم ڏٺي!

## سپ ۽ موتي

ڪڪر مان ورائي ڦڙو هيٺ ڪنڌ
عجب ۾ پوي تو ڏسي سو سمنڊ
جڏهن پنهنجي هستيءَ مٿان تو ڪلي

ڇو ڪيس ٻيو ڪيو ٻ سڀ پلي.
اهو نمت هڪ ڏينهن تو موٽي لٿي
اونداري انڌر سو ٻه جولي ٿئي!
انهي زندگي ڇهڙي راحت ڪٿي؟
سندس راز جي ٻهر حفاظت ڪٿي؟
دنيا سمبد ان جي مثل آ اجهاڳي،
جتي جام گهارن سپون ليون سجاڳي،
مگر سڪ صبر سان لهي ڪاٻ ڀاڳ!

## ماڪيءَ جي مکر

اجهو هيءَ مکيءَ جو نه مانار ڏس
ٻڌي جو آ ظاهر جتي جام جس
بناوت ٻه ڪهڙي نه آهي عجيب!
سدا ڪيٽن نه قدرت جي آهن قريب!
سويرو وڃي تيون گلن تي وهن
سڄو ڏينهن رس تن چوسي ڪٽن.
ذريءَ تي ٻه تن جو رهي تو صبر
اتن پار سياري جو ڪرٽو سفر!
حيالي نه سانڊڻ لي آهي ٻٽي
مگر جيڪڏهن تون ٻه ميڙن ڪٽي
ٻٽي لنهن ٻ رکه تون بين جي گهٽي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بادل ۽ مور

سڄو آهه آڪاس گونجڻ لڳو
اچي موج ۾ مور جهولڻ لڳو
سندر جسم پنهنجو ٽو ٽيڙي ڇڏي
مني لاٽ پنهنجي پکيڙي ڇڏي!
اچي مست هن جو نچڻ ڪو ڏسي
الاهي رنگن ۾ اچڻ ڪو ڏسي!
ڪٽي ڪڇ سمي ڪان ٽي ڪومل بڪيو
مگر اڄ پرين ڪي وڃي آ رسيو!
اجهو غم سندس پڻ ڪندا الوداع
جڏهن پاڻ ايندا لون جن لي فدا
رهي موج شل تنهنجي قائم سدا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نرمل نيون!

هماليه جي هڪ هٽي سندر ماتري
جتي نهر پٽي جهلڪ مان نت ڪري؛
مٺڙي آب ٻڌجي پيو هو اتاه
جتي جام جاري هو موجي لقاءُ!
پکيئڙا جتي جام مڙندا هئا
لئين لاٽ هردم پيا ڳڙندا هئا.
جڏهن ٻهريان رت جا ها ڳلڙا ڪڙيا
اچي هنس سانگي سان نت ڪي مڙيا
سندرتا جا سڀ ها نرالا بيان
منجهائن مڙيئي ها ڳيڙو جوان
انجرئو پريتيءَ جو سڀ ڪي هئو
ولدر لاء هڪڙي شروع هيئن ڪيو:-

## ڪپر لڳ!

هتي سمجهو هڪڙو تو جوڙو رهي
رهي هڪ پرانءِ پر پيو هنت وهي!
اتن سڪ سندي سرڪي پيتي صفا
سدا هڪ ٻئي سان رهن نا وفا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جو وڻن خير کي آهي غم
نه پرواه ڪنهن جي نه ڪو ڏجهه وهم!
گهڙو ٿو رهي آسرو ٿي سندن
وڃي ٿي لنهن کي ٿوڙي کو وري سندن
ڏسي يار پڌندو پوي پيو گهڙي
ملي گود ۾ ٻئي وڃن جي لڙهي؛
نه له به چئبو "جل تن کي ٻوڙي سکهيو
سندن پريت پاڻي تهوڙي سکهيو!"

## ساڏين!

### ٻئي چيو:-

ڪيو قوم هڪ کي ڪنهن حاڪم غلام
غلامن ۾ هڪڙو هو جگري جوان
سندس دل سکهي درد هي؛ نا سهي
ويو محل حاڪم اندريو پهي.
خنجر هوس هٿ ۾ اکين ۾ خمار
وٺي وير ان کان ڪري جيئڻ قرار!
مگر ڪنهن سپاهي؛ جي وئو وَر چڙهي
وڃي قيد سارو وڃي ٿو نوري!
وديسي تئو جو هندائي جوان
وطن جي ڪفن ليء وٺي پڻ الجام!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي حب وطن جي رهي ٿي مدام
اهو ديس هرگز نه رهندو غلام!

## غيرت!

### ٽئين ڇيو:-

نه نينگر هتي پيا گڏو گڏ نکڻ
سدا خوش گذارن نه غم کو وڻن؛
نه جن کي ڇوڪر ناسجي لــو گناه
وڻن روح ساڳيو ۽ ساڳيا پساه!
منجهن هڪ غريبيءَ نه آهي تباه
نه ٿي وٽ وري آه دولت اٿاه.
زماني جي گردش نه وچڙي وڃن
انهن ڏينهن کي وچي جي لکن؛
منجهانئن وڃي هڪ پو عرشين لکي
دکي ٿي اچي پيو جي لهمڻي پکي
مگر جي کري هو نه ان ڏي نظر
ڏهن کين غيرت ڪان نپندس جگر؟

## عجيب سنياسڻ!

### چوٿين ڇيو:-

سنڌ دل جڏهن ڪان پرينءَ نه ڪٿي
ڇڪي پريت جي انس پيتي منى
اکين نه سندس جوت نى پئي جگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڪا دل وري ٿي دنيا ۾ لڳي!
ڪٽا ٿي گهران تڏهن ڪيڏي ٽا ڇڏن
تڏهن پڻ پرينءَ سان رهي ٿي مگن،
سڌيائڻ ٻڌي سور سڀ ٿي سهي
مٿي سر سان موهي ٿي رمندي رهي!
ڪري سيڻ پڇتاءُ جي تڏهن ڪي لهن
تڏهن ڇو نه ڪي پريم جي پٽ وٺن؟
وڃي پنهنجي مالڪ کي سالڪ رسن
سڌن نيڻ آخر ٽڏا ٽا لڳن!

## نماڻي راڻي!

### پنجين ڇيو:-

ڪٿي ڪڏهن اماڻيءَ ڪيو پٽي گذر
هٿي سونهن سڪ ۾ سڀا جهي سٻر!
ڪٽي هو غريباڻو انجو نسل
مٿس نه ٻه پرينءَ جو اهو ٿي دصل.
ڏسي ڏيه راڻو مٿس ٿيو فدا
وٺي هت سندس ٿي رهيو خوش سدا.
ڪڍي ڪمس پرکڻ لي پڻ نه هن ڇڏيو
تڏهن پڻ الهيءَ نيڻهن ور سان گڏيو.
اگر هٿي اهڙا راڄ راڻي ٻڌي
تڏهن ٻڻ رهي پير جي ٿي پٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماڻي اگر دل کو پنهنجي رکي،
وٽي ٻاڻ پريتم ٻو پنهن کي پکي!

## سکر جي کسس!

**ڇهينءِ** چيو:-

ڏنم راه ۾ هڪڙو سهڻو سوار
هٿس مرڪ زردي چڙهيل ڏار وار!
پڇيم: اي نماڻا ڇا توسان ٿيو
ظلم ڪهڙو قدرت آ توسان ڪيو؟"
چيائين: اٿم هاٿ هن دل ٿٽي:
هٿم هڪ سويمبر ۾ ديوي ڪٽي؛
سندس پيار جو جڏهن ٻاڻي چکيم
تڏهن بخت عالي ٿي پنهنجو ڀڪيم!
مگر ڪو نندورو ويو تنهن کي ڪٽي
سندم سکر سندو ويڙو ڏاڙو هٽي!
سندس جي پنيان نت ٿو ڦرندو رهان
انهيءَ سوز سڪ ۾ ٿو سڙندو رهان!"

## "بي قدر" ڪير؟

**ستينءِ** چيو:-

ٻـ ساٿي هئي پيا ڪندا ها گذر
منجهن اوچ هڪ هو ٻيو "بي قدر"!
نه ٻيو اوچ دل تنهن سان آخر گڏي

گلا کان ڏنائين ٻوان کي ڇڏي ۔
گھٽو ئي سمو ٻوه گذري چڪو
ڇڱي جي لڳي ٻاه گھر اوچتو،
ٻيا سڀ ٻچي هئا پٽڻ کي لڳل
مگر اوچ ماڙيءَ ۾ هو ڪو ستل!
نہ ٻيو جوان ٻر هڪ اچي ٿو نظر
چڙهي، ماءُ پيءُ کي ٿو اري جگر
مگر ٻاهر تي ٿو وڃي تن ڀسم
ڏٺائون اهو "ٻيچ" جو هو جسم!

## حرص جي پڇاڙي

**انئين** چيو:-

ٻہ مشتاق جڏهين ٿا هڪ ٻي ٿين
ڇڪي ماس ڪاٽڻ لئي سيري ٿهن
ٿڏهن پيار ٻڙ يانگ دعا ڪري
اُتن ۾ سدا ٿڌهن جي دنيا سڙي!
اِهو ساڙ پت ٿو وڳي خون سان
اندو تي ڪپي ڪنڊڙا ڪاپار ڪان
رهي جنهن جي تمنا گھٽو سا سهي
نہ هن جي رهي ۽ نہ هن جي رهي!
ڦٽي هڪ ٻئي کي ٻئي ناس ٿين
گدوائي غنيمت ٿا او ٻاش ٿين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺي شال نہ ڪنهن سان ڪا اهڙي ڪري
رهي من سدا حرص کان شل پري!

## جتي پيار ناهي!

**نائين ڇيو:-**

وسي جن دلين ۾ نه پيار ڪو
پيارن جي جت نه لهي سار ڪو
الهيءَ هنڌ اگر گل ڪٿي پوکجن
الي گل اهي پڻ ڪڏهن ٿي ڇڻن!
جتي پيار جو ڪين آهي اثر
اتي زندگي ڪيئن ٿيندي بسر؟
اتي واهه واهڙ سکي ٿا وڃن
هوا جو اتي بند لڳي ٿو وهڻ!
اتي مشڪ ۾ ڪيئن تاثير ٿئي؟
بچي لي ٿڻن ۾ اٿو ڪيو ٿئي
اتي باغ دنيا ٿو ويران ٿئي
اتي هرڪو جيڪر پريشان ٿئي!

## پيار ۽ طاقت

**ڏهين ڇيو:-**

بهاري سمي جي سندر شام آ
گلستان ۾ موج پڻ جام آ،
اتي بن ڪنارن جو آ ٿيو وصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٿر مثل هڪ آ بيو موم دل؛
اچي لن مٿان مور سهڻو اڏيو
پٿر دل ڪڇي نير انهن کي چئيو!
وجهي انهن مٿان جل ڪئيو موم دل
گهڻي مالڪيءَ تان مٿي رد بدل
سياڻن مڙي فيصلو هي ڪيو:
'وڃي مور جنهن وٽ سو انهن جو ٿيو.'
ڇڏڻ ساڻ اڏي ويو ڪنول سر مٿي
ڏيو پيار طاقت کان بهتر هتي!

## پريمي

**يارهين چيو:-**

پريمي سدا پريم ۾ ٿو پچي
اٽل جوت تي نرڙ لي لٽ اچي!
ڪٽي پو پريتم نه انهن کي ملي
مزو پريمي جو آسدا انهن ڀاي!
پرين کي پڪاري سدا ٿو ٿلي
سندس دل ڇڏي پيار آهي ٻلي!
پرين پيارلي دلڙي پيدا ڪٿي
وري پاڻ ٿي پاڻ شيدا ڪٿي!
هتي پيار ڪڏهين نه آهي فنا
امر ڪو نه انسان ٿئي انهن بنا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا پيار کي نا سمائي سگهي
مگر سو نعڌي دل سهائي اگهي!

## ڳيروءَ کي!

ڦاڙيءَ ۾ بارهين شروع هيڻن ڪيو
اڇو مون ڳيروءَ کي هيڻن هو ڇيو:-

اڄ ڏي آرزو ساٿ جي ڇا رکي؟
اڃا ڪين ڦيري ۾ آيو ڦکي؟!
نه پوءِ آه کهڙو سندي دل خيال؟
سندي دل گهري ٿي ڇا منڍ جمال؟
اگر ها نه هوڪر ڏکين کي پيار
ڦري هن پنڊيان ٿي نه ناحق خوار!
تڏهن موج دل درد وارن کي ڏين
وڃي ڪهڻ به مسڪين سان سڪ سلهن
سندس دل ڏکايل کي پنهنجو سڏ ڏين
نه ڪڏهين پڌ ين هارڻ کي پڻ اڏ ين
ڪيءَ پيار لقاقسه کي - ڇا ٿي - پيو؟
رکيءَ نا صداقت نه ڇا ٿي پيوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نرالا آواز!

چمن ۾ ٿيو هوم هڪ ڏينهن وچڙ
جهڪي غور سان ڦوارن مان لنگهن ۽
سندر پٽي لڳي ماڪ ڇوڏر سنهي
ڪڍي نيڪ لڙهن ويل سج پڻ ڪني!
نرالا شروع سانت ۾ ساز ٿيا
جهڪا لڳ ڪنن ۾ هي آواز ٿيا:-

## پيريءَ جا پيرا

جتي پير جواني ۾ هيڙو اٿل
اُتي آه پيريءَ ڪيو اڄ دخل
ڪڏهن جنهن مٿي ۾ قرامت هئي
اچڻ جي مٿان اُت ملامت پئي!
گلابي ڳلا پڻ سڪي هن ويا
سوين ور وڪڙ لت اچي هن پيا!
ڪڏهن جوش سيني اندر هو تمام
اهو آه اڄ نيڪ جو ٿيو غلام!
نڪو دوس ساٿي ڪو آهي رهيو
رهي موت جو پڻ مٿان پيو دهو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪين آندءِ، ٿي ڪنهن لئي فلڪ
ڪلهي اڄ رهي آ مٿانئس خلق
سمنڊ ور به دائم نه رهندي جهلڪ

## ذرن ۾ زور!

ڦڙو ٿو ڦڙي سان ملي ٿئي تلاءُ
ڦڙي جهڙن مڇهان ٿو هلي واهه واهه!
ملي زلف ڪارا ٿا ڀِسجن عجيب
ٿئي مير، ميڙي ٿو ڪوڏيون غريب!
هزارين ملي مکڙيون بستان ۾
خوشيءَ ۾ ٽپائن ٿيون مهران ۾!
ستارا ملي جڏهن مرڪن مٿي!
رهي راهه سالڪ جو روشن هتي!
عدو جا اٽا جڏهن اڏري الن
تڏهن ڪيئن نه دلڙيون ٿيون معطر ٿين!
ذرن کي به تون گهٽ ڪڏهن ڪين ڄاڻ
مٿان جن بزرگيءَ جو آهي نشان
رهي جوت مالڪ جي سڀ ۾ سمان

## سچي پوڄا!

مندر جو وٺي راهه راهي ٿيو
الو پاند ۾ آب همت ۾ هيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلن سان ڀريل هوس سارو پلاند
اندر ۾ پرينءَ لئي رهي آنڌ مانڌ!
مليس راهه ۾ ڪوئي ٻُڍڙو فقير
پيل پاهه بک ۾ نه هو سو سڌير؛
ويو ڏڙڪندي گهٽي هو تنهن دم
پسي ڪيس سالڪ نه چوريو قدم؛
وڌي تنهن گڏڻ جو وسڪار ڪيو!
ڏنئي آب سيما مٿس پيار ڪيو!
وئي راهه پنهنجي پوءِ هرڪو هليو
انهيءَ ڏينهن محبوب ان کي مليو
هئو قرب هن جو قتيل سان سنيو

## پيار : طاقت : سياڻپ

اگر ڪنهن مٿان دل تو مشتاق ٿئي
سڙي سوز سڪ ۾ صفا خاڪ ٿئي؛
وڃين پوءِ پرينءَ جي لوڪان ڪسي
نه بيشڪ انهيءَ لئي تو لوڙڻ کپي!
اگر مال ملڪيت مٿان ٿي فدا
رهي تات طاقت جي لوڪي سدا؛
لئي پوءِ قدرت ڪري جي تمام
جڳائي نه تو ۾ رهي لوڙق جام!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر جي سياڻپ سنڌي دل رکين
نٿين نيت جي لت نمرتا سکين
۽ الڪي ڪرڻ جو نہ آهي ضرور
ڪسي سي سکهن تا ڪري ڪو غرور
سنڌ ۾ راج راحت ٿي آهي ظهور!

## جوڳيءَ ڪي!

اِها ڪين موٽڪي ڪپڙي تي دعا
نہ ڪو ڏاهڃي مان ليڙان ڪي پيا!
نڪو شان شوڪت تي موٽڪي ڪپڙي
نڪو موه ملڪيت تي موٽڪي ڪپڙي!
اڳر ڪو ڪٽي هاڻ والي ٿئي
پري وقت نہ آ جڏهن حالي ٿئي،
اڇڻ ۾ وجهڻ روح جو آه ڪم
رکي موه ڪنهن ٻہ ٻرايان ڇو غم؟
نہ پرواه آ ڪر نہ طاقت رهي
سنڌ ۾ دل اندر گر صداقت رهي!
اها پل دعا ڪر نہ انسان ٿيان
نہ پيدا سڏن جو ڪو طوفان ڪيا.
ڪنن جي هٿان ڪين قربان ٿيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اميد!

اميدن سندو قول ڪومل لڳي
سدا نرم لهرن ۾ لڙڪي رهي،
جنهين طرف ڏي هير تي لهن ڪري
اهيءَ طرف پنهنجو پيو سرڙو ڏوي!
پتيون قول جهڙن جون ٿيون جلدي ڪڙن
اهي جلد هڪ ٻئي ۾ لهنيان ٿيون ڪرن!
ڪنول جي پتين جيان اميدون رکي
اجايو ڪڏهن ڪين تي من دکي
سدا حال ۾ ڪر پيو تون گذر
نه گذريل نه ايندڙ جو ڪرڪو فڪر
هتان تون به سورج مکي ڙي ٻٽين
رکي دور تمنا ملامت ڪٽين
نظر پاڻ کان تيز ۾ چو هٽين!

## لڪل لعل پڻ!

ڏسين ڪين تو سب ۾ هڪ ئي وسي
سين ۾ سندس راز ئي پئو ٻکي!
پيا هڪ مجهان ئي گهٽيئي حصا
اها ئي سندس جوڙ آهي صفا
متي آسماني ستارا نه ڏس
لکهن ڪين ڏيئي ڪڏهن ڪنهن جو گس؛

تڏهن پڻ سدا موج ۾ پيا ٽڙن
ڪري راس روشن خوشيءَ ۾ ڪڙن!
نه تو ڇو نه پرندن جيئن آزاد ٿين؟
نه پرواهه ڪر ڪر نه ڪنهن ياد ٿين!
اڇايو مٿان ڌوڙ ڌا ڌون ٽڙق
لڪل لعل جيان زندگي ڪر صرف
اهو پڻ سمنڊ ڪِن آ گهٽ شرف!

## سيني لاءِ!

نديءَ ٿيو لهرن اندر هيئن چيو:
”سمنڊ جل نه ڪنهن خاص لي آ رهيو
پياسين سيني لـي سدا پٽي وهان
تڏهن پڻ وڃي پنهنجو پيارو لهان!“
ستارن اندر هيءَ چـر ڀـر هئي:
”جهلڪ آ اسان جي سين ليءَ وهي؛
اگر ڪو بـ وچـڙيـل مسافر هجي
لڳائڻ سنئين دڳ اسان کي سجهي“!
صبح جو مٺي هير مرڪي چيو:
”رڳو آ نه هارين سان سنگ مون ڪيو؛
مگر هرڪنهن تي وهان مان فدا
هجي مير، عالم يا جاهل، گدا“
ڪڏهن تو بہ دل ڪا ڪٿي سا صدا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تنهنجون خاميون!

اهو آهه ڏس کهڙي لوڪ ڏاو
نه لون رهجي ڳڻتين اندر لت پئو!
اجايو تو خامين جو سمرڻ ڪرين
هٿان دل گناهن سان پيو تو ڀرين!
حقيقت دنيا ۾ نه آ ڪو خراب
نڪا آ برائي نڪو آ ثواب
چڱو ۽ برو جيئن زمانو چئي
ڪري پيروي ليڪن پيو هرڪو چئي!
سدا ٻاڻ لي ٻاڻ اهي خيال ڪر
ڇڏي لوڪ کي ٻاڻ لي راهه گهڙ!
ڳرڻ آهه سالڪ سندو نا مرڪ
پياري جي ٻورن ۾ ره تون غرق
ڪري ڇڏ چڱايون مدايون ترڪ!

## هٿان سٺوئي سهين!

پري وقت تا من جڏهن تون علين
تڏهن پڻ نه تو ابد ڪان دل پلين!
ستارن سندي رات جا هٿي غفا
اها آهه هاڻي تيرڻ تي صفاءِ
رهي رات سان ڇو سدا نينهن تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍين موت کان پوءِ اجهو ڏيندين ٽيو
اڇي پاڻ پريتم ڪندو همت سفر
لڏهن ڪين ڪلندو ڏسي تو سمر؟
اڙي اَتفا! رهي رات آهي رمي
مڻان اي مسافر سنوڻي سمهين!
مٿان لڏهنڊي آيا ها ٽيڙو آيا
ڪکڙ جي نه جاري رهي هٿي صدا
اجهو پٽي لڳي هاڻ باد صفا!

## فرق ڇا لاءِ؟

رکين ڇو بين سان اعايو فرق
چڏهن سڀ پريتم ۾ آهن غرق!
سدا سونهن سا ڳي تي سڀ ۾ وسي
سگهي ڪين ڪو ڪڏهن هتان سا کسي.
ڪٿي پن چميو - ڪٽ آ مکڙي ڪڙي
ڪٿي گل ڪندا نت رهن پيا مڙي؛
مگر آب سا ڳيو رهي تو منجهن
نيارو ڪٺي ڏيکـ آهي سندن!
فرق ني دنيا کي گهٽو ڇوُر ڪيو
پريں جي دنيا کان گهٽو دور ٿيو!
پلارا - سڀن سان اچي دل گڏج
سدوائو پرين ڏي اچي ره اڏج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر ”مون“ ۽ ”تون“ پڻ وساري ڇڏج!

## دنيا — پڃرو؟

ٻکي آھ قاتو جو پڃري اندر
ڪٽي پوھ پڃرو ھڃي پڻ سندر
ٿئو آرزو نه ٻه رھڻ جي رکي
سدا تڙڦ تي لن چنڊ جي ٻکي!
سندس ماڳ جو آ سڄو آسمان
سندس آرزو آ پرين سان رھڻ!
ھٿي ھن دنيا ۾ اي قاتل ٻکي
اٿئي دل اندر آرزو ڇا رکي؟
اٿين ڪين ٿئي من نه پڃري اندر
اجائي خيالي ڪرڻ ٻيو صبر!
خوديءَ جو ٽپي ڪوٽ جلد تي اڏام
ملي خوش پرين سان رھج تون مدام
ڪڏھن ڪم الھيءَ جو ڪندين ٿو انجام؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اندرجون اُچلون!

## عرش مان آواز!

مٿان آهه عرش مان آواز ٿيو
اندر مان ڪلي اڄ اهو راز پيو:
دنيا هاڻ ٿي ڪين رهندي عذاب
مٿي جلد ويندو سڀن جو حجاب!
غلامن کي اڄ ملندي آزادي
ڪڪر ٻڌي وسندي مٿان شادگي!
نڪو حاڪمن جو ڪو رهندو حڪم
مگر فرض سمجهي ڪندو هرڪو ڪم؛
دنيا ۾ نه ڪوئي به رهندو وهم
سڀني شاد ٿيندا ڏسي هت رحم
سچائيءَ جو رهندو هتي راڄ ٿي
نه ڪو رهندو ڪو ڪنهن جو محتاج ٿي،
اٿل پيار جو ٿيندو جلد ٿي سڪر
شروع سونهن سڪ جو پوءِ ٿيندو سفر!

## الاهي جوڙ!

جڏهن آبشارن ۾ پاڻي ٽپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙهن دل وچ ڀؤر ڀرون سان اچي ۽
الاهي رنگن جو ٽيون لهرون اٿن
اندر مون منهون جن جي طوطيون اچن!
ٽڏي هير هنج ۽ وڪوڙي ڇڏي
سندر صاف سهڻن ۽ ٻوڙي ڇڏي!
پرين سان ڪڏهن ٽمت وچون پيا چڙهي
ڏسي خوش نظارا پڇون ٿا ٺري!
اچڻ ۽ وڃڻ مرڪ سان پيو ملڻ
پسي راز جڳت جا خوشيءَ ۾ کلڻ
اهو آه اسان جو وڙ ٽيو
اُنهيءَ جو نه حقدار آ ڪو ٻيو!
پسي صاف قدرت پرين پيو پسان
سندس تيج شل مان نه دائم ڏسان!

## ڦٽي کيل ٻار!

اچي پاڳ ڪنهن مير جو ٽيو جـڏو
ڪٽي ملڪ ٻٽي ڏي هليو سڀ لڏو،
هٿس پـار ڪرٽو اٽا نگو سفر
سندس زال ساٿس هئي ڪا سيَر
پهاڙن مان لنگهندي ڪڪي ٽنهن چٽي
ڏسي حال، اکڙيون پون ٿيون ڇٽي!
وڏن ٿا ڪري ٻار کي ات ڦٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيان لت لنگھي قافلو اوچتو،
وڏي هڪ مسافر تو انکي ڪٺي،
اها نيت ملڪن جي راهي ٻٺي!
جتي هڪ جهنگل ۾ ڦتي ڪيل پار
وڃي تو جهلي قوم ساريءَ جو بار
اُتي لون هندورن خوشين ۾ پليل
ٻٺائي سکهين زندگي لو انل

## رڻ تي فتح!

بيابان ۾ آ لڳي سج پيٽي
منجهائي چڙي مرد پيٽي رج ڪٺي!
الان هڪ مسافر جو آوراه ٿيو.
پريشان تي لو پڪارڻ لڳي
صدائن ڪان رڻ جنهن جي گونجي اتي!
خيابان آخر چڙهي تو نظر
عجيبن سندو آه جت ٿيو گذر
وڃن کيس تا جهوپڙيءَ ۾ وٺي
اُڏي تنهن ليءِ آڻن اسيءَ جي وٺي
مکڻ روت کائي پري آ هئي
ٻڌيون گيت حب جا ٿيون ڳائن مٺي،
پسي نيت منزل جي بالم اُٺي
لڏهن ڪيٺن لنگ هي تو عالم لٺي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميلاپ ڪنهن لئي؟

سنڌ لئي جڏهن تنهنجو فرمان ٿيو
دنيا مون اُسي موجود سامان ڪيو،
جڏهن نار سان هنٽري آيس لهي
سگهيس ڪين توکي ڪري مان سهي،
اماڻيو بڻي آءٌ رلندو رهيس
سنڌ ۾ ڪوجودي لئي ڦرندو رهيس!
اياڻن سدا حال مدهڏا ڪيءَ،
اصل ۾ ٿي چو ڪين هي ڏس ڏنيءَ
ڪري آب لئي ڪيئن ڳولها مڇي
بما جنهن مري جلد لڙتي لڇي!
پکيءَ ڪيئن هوا لئي لڳائي چڪو
سدا جنهن سمائي ڪري تو گذر!
سدا تو لئين مان رهي ڪيئن سگهان؟
نه لڙقان يا تڙفان نڌهن پڻ اگهان!

## سنڌم آرزو

جتي ٿي نه تنهنجي پڇاڻي لڳي
نڪا پريت تنهنجي پڇا ٿي ٺڳي
سنڌي موج لئي پڻ رهي نت حڪم
رهين تون ازل ۾ سدا پيو اگم،
آئي پاند مهنجي ۾ تو ڇا وڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ پاڻ ۾ تو هئو ڇا لڌو؟
ٻڌائي ڇا ٻڌليون تو راڻيون رچيون؟
نرالا ڪري روپ ڇو تو اچيون؟
سنڌ ۾ لي هتي آرزو ڇا رکيءَ
اچايو هتي مون ڪٽي ڇو پڌيءَ؟
اڙي ڪين دائم ٿي رهندس غلام
ڪڏهن پاڻهي من ڪندين تون سلام!
هتي دم پلڪ لاءِ پيدا نه ٿيس
اصل ڪان مٺان تو جو شيدا ٿيس!

## سنڌ ٿي لقاءَ!

جڏهن سڪ سان پيالو پيري تو ڇڏين
سنڌ ۾ دل دنيا جي دلين سان گڏين
ڏڏهن توکي لڳي ۾ منو پيو سڏيان
سنڌ شان شوقت وساري ڇڏيان!
وري دل جي ڏوري ڪرين ڪچ ٻلي
لڳي ٿي رهان پاڻ لي تو ڪلي!
اُنهيءَ پيار لي ڪيئن لائق ڪيئن
جڏو پاڻ ٿي ڪيئن شائق ڪيم؟
جڏهن دل سنڌ ۾ سڪ سان ٻوڙي ڇڏين
جدائيءَ جا بندڙا تو ٽوڙي ڇڏين
سمائي ڇڏي دل دنيا هيءَ سڄي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندم سر مگيندڙ تني ٻڍڙ اچي!
سندم پاپ کي تني نه هاٿي جاءِ
پيارا سنده ئي تيا هي لقاءَ!

## پريتم ساڻ!

جڏهن لولي لوڪن کي رڙندو ڏسان
سنده سالڪن کي پسرندو پسان
اندر موڙن سندم آه لڪري وڃي
سندم موج ساري ٿي وسري وڃي!
الڳ پاڻ کان ٿو ٿئا ٿوڪي پسن
جڏهن تون سدائين ٿو گهارين وٽن!
سدا ٻمسري ٽهڪي وڃندي رهي
دنيا ۾ نئون روح وجهندي رهي!
رهي اندر جمدا الڳ ۽ پٽل
سنده صاف لهرن ۾ آهي اڇل!
ڦرن کان رهي ڪمڻ سگهندين جدا
جڏهن تون ٻٽين مون لي ساگر صفا!
”مڇڙ اي نماڻا آ پريتم ٻري
نگاهن جنهن جي چرڻن ۾ سرر ڌري!“

## سوز ۾ سڪ!

سنده صاف مڪڙو سڪي ٿو وڃو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلو خوشدليءَ جو مٿي ڇو ٿيو؟
نظر ڇو سنڌ ۽ پاسجي پٺي رکي
انهن کيئن جڳائي رهڻ لو ڏکي!
هتي غم ڪرڻ آهه ڀاري گناهه،
ٻين جي به راحت ٿئي ٿي تباهه!
اگر آ نه محبوب لوڪي مليو
دلي راز لوڪي نه تس کو سليو
سدا خون سان نيڻ تهنجا ٿمن
ڪڏهن ڪين خوش ٿي ٿا آرام ڪن
جڳائي ته غم ان کي ٿا لون سڏين
هٿان جو پرينءَ جي ٿو اوڏو اڏين!
سدا سوز سک ۽ صفا سڙڻ سگهه،
مگر موج تنهن مان جمع ڪرڻ سگهه!

## خوشي- دل جي رهائي

نڪا آهه دولت ۽ راحت سمائي
خوشي آهه پنهنجي اندر جي اهائي!
اگر لوڪي نائي جا آهن انهار
مگر جي وٽنءَ کونه آهي قرار
اُني ڪيئن ڪم جو اهو ڏن ٿئي؟
وڏائي هٿان سوز ٻيٺو ڏئي!
سنڌ ۽ پر ۽ مسڪين ٻڻ جي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو ڏينهن ڪم ۾ اگر تو ڇڏهي
لڌهن پڻ صحت جو تو مالڪ رهي
سدا ياد پڻ تنهن کي خالق رهي
نه صدبار بهتر اها زندگي
رهي وسوسن جي نه جت گندگي!
هوا باه پاڻي سڀن لي رهيا
اهي اسي سنده ڪافي نعمت تيا!

## اُلٽي آڪ

سنده دل اندر آرزو گر رهي
دنيا جا نه نوڪي ڪرڻ تي سهي
ڏسين پڻ اها وات آ حق سندي
نڪا دل اندر نه رهي تي مندي
پو آرزو نون دباڻي نه رڪ
مگر مڙس تي مهن ڏيڻ تنهن کي سکم!
سچي مختلف ٿئي دنيا پو ڪٽي
فتح آه تنهجي - آ نوسان ڏٺي!
ڪٽي "پاڻ" نو آه ماري چڏيو
نمن کي اصل لي وساري چڏيو
تڏهن پڻ سنده حق وڙڪي لغام
جگائي بين جو ٿيڻ اا غلام!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا اندر آرزو آ گهه
انهيءَ زندگيءَ کي نه آهي ڇڏڻ!

## وطن ويندي!

سندس آه دل اڄ خوشيءَ ۾ ٻري
رهيو آ سڪايل وطن جو وري!
هوا هيڃ سان تيءَ هيڪڙ شروع
وڃايو منا ساز تنهن روبرو
رهيو آ اڃايل وطن جو وري!
ملامت متان ڪا متانئس مڙهيو
مصيبت متان ڪا متانئس چڙهيو
رهيو آ ڏڪايل وطن جو وري!
متانئس گلن جو آ وسڪار ڪيو
مدر گيت ڳائي متس پيار ڪيو
رهيو آ ٻڪايل وطن جو وري!
اتل ڪاءَ اي جل الي سير ڪير
اچي صاف ڪومل سندس پير ڪر
رهيو آ اڃايل وطن جو وري!

## اڃا ۾ تنگ؟

وڃي آه منزل تي سورج رسيو
پٽي دل خوشيءَ ۾ تي تنهن کي پسيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي پڻ گھرن ڏي ورڻ ھن لڳا،
رھاڻيون ٻڌڻ سان ڪرڻ ھن لڳا؛
جھنگل مان اچي مال ورندو نظر
وٿاڻن ۾ ٽڪ پنھنجو پڇندو نظر!
اچي ھن ويا ڦوه ۾ سڀ ڪڪر
اچي رات ٻر ڪان ٿيندي نظر!
چندرما نئين ويس ۾ آ ٻڪيو
اجھو پاڻ ظاھر ڪندو پڻ اڪيو!
ستارا اجھو چاڻ ٽمڪڻ لڳا
سندن نيڻ دعائن سان مرڪڻ لڳا!
وٺي موج سڀ سان ٿئي دل اٿاه
رھڻ ڪين گھرجي لٽي ٽنگ پساه؟

## زندگي- ھڪ لھر!

دنيا آه ساگر اٿل بي ڪنار،
جتي جام جھڳ مڱ تي پسجي اپار!
اٿل جت ھوائون سدا ٿيون لڳن
جنبش ۾ اچي ڪيئي موجون مچن!
وٺي راه پنھنجو ٿئي ھرڪا ھلي
رھي روز وڌندي - رلي ۽ ملي!
شروع ۾ ھئس ڪين تيزي گھڻي

مگر هاڻ اجگر سا آهي ڀڃي؛
اڇو ماڳ ڏسي سا ورائي ڪندي
ملي آب سان موڪلائي ڪندي!
الاهان ڪري ڀاڳ ڀڃڻجي سفر
سندس ٿي ختم ڪين آهي چڪر!
مگر آب ۾ موج ساڳي رهي
ٽڙين زندگي ٿي سڀاڳي رهي!

---

هي رسالو پرنٽر ايچ- شهاڻي
ڪوهنور (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس مولوي گهٽي
حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽
هيرو ڪي- ججتياڻي، ايڊيٽر "جيون ڪلا"
۲۵، عامل ڪالوني، حيدرآباد سنڌ مان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

زندگي
ڀائو مل "موتي" لائبريري (۱۲)
ٽنڊو باگو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نرمل جا ڇپايل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- نئي ساٿي | (ڪيپي ويل) |
| ٢- سرڳ ڏانهن پنڌ عرف مهنجو موت | " " |
| ٣- امرت لات | ٠-٦-٠ |
| ٤- نرمل لات | ٠-٦-٠ |
| ٥- بيما (نثر ۾) | ١-٠-٠ |
| ٦- ستپرش (گورو گوبند سنگهه جو جيون چرتر نظم ۾) | ٠-٨-٠ |
| ٧- زندگي | ٠-٦-٠ |

## جلد شايع ڪيا ويندا

١- ساجن- سونهن- سرت
٢- سسئي پنهون
٣- بندن ۾ (جيل ۾ لکيل شعر)

## ملڻ جا هنڌ:-

(١) سنڌ جي هرهڪ ڪاڏي ڀنڊار تان
(٢) ڪوڙومل ساهتيه منڊل- سنڌار سڀا- حيدرآباد سنڌ.
(٣) نند گدواڻي
(i) راءِ بهادر ريجهومل بلڊنگس- هيرآباد- حيدرآباد سنڌ
(ii) ڪي- ايم- ٻڌاڻي بلڊنگس روڊ اي- ايم- ٣ ڪراچي ١

گهرجن سنڌ ۾ ايجنٽ- ڪميشن لاءِ سيڪريٽري سان لکپڙهه ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿيِ، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءُ، ۽ وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book